**ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي✍**

هندستان جي ساهت جي ٻنهي شاخائن تي جيڪڏهن ساهتڪ چمشو پائي نظم چاهي نثر جي ميدان تي پري پري تائين نظر وجهبي ت فقط هڪ ئي سڪيلڊو نج سنڌي شاعر ملندو.

شاندار شخصيت جو مالڪ , صاف سٿرو , مشڪندڙ چهرو, ادب, عزت ۽ مان وارو هندستان جو هڪ ئي سڪيلڊو شاعر مان پانيان ٿي سموري هندستان ۾ اهڙو ڪو ب اديب ساهتڪار يا شاعر ڪون آهي جنهن فقط ساهت جي هڪ ئي صنف تي قلم هلايو هجي. جنهن ڪري مون هن ليک عنوان لکيو آهي شاعري جي ڪنواس جو سڪيلڊو نج شاعر - ارجن حاسد جنهن جو جنم 7 جنوري 1930 ۾ سنڌ جي

ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو . ڪنڊياري شهر ۾ پرائمري تعليم پرايائين ۽ ورهاڱي واري سال 1947 ۾ پنچائتي هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪيائين.جڏهن ت ورهاڱي سبب 4 جنوري 1948۾ ٻين سنڌين جيان ڪٽنب سميت احمداباد شهر ۾ آيو ۽ تمام گهڻي ڪشمڪش بعد پنهنجو آشيانو ٺاهيو.

حاسد' وڌيڪ ڪون پڙهي سگهيو. جنهن جو آرٿڪ مسئلو مکيه هو. وري ب مالڪ جي مهر سان ڪيس جلدي پوسٽ' کاتي ۾ نوڪري ملي.

۽ شادي ڪري گهر ٻار وسايائين. ڪيس هڪ نياڻي جنهن جو نالو پرميشور آهي.۽ ٻ پٽ, وڏو پٽ لڇمڻ ,گنگارام ۽ موهن.سندس سڀ ٻار پنهنجي ڪٽنبن سميت سکي ستابا آهن.

ارجن حاسد 1988 تي نوڪري تان رٽائر ٿيو.

سندس ڌرمپتني ٻ سال اول هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. جڏهن ت هن وقت ارجن حاسد وڏي پٽ لڇمڻ سان رهندو آهي.

ارجن حاسد جو سمورو نالو جيٺانند تنواڻي آهي پر ادب جي دنيا ۾ هو 'ارجن حاسد'جي نالي سان سڃاتو ويو .شاعري جو شونق ت ڪيس ننڍپڻ ۾ ئي هوس.

پر سندس نوڪدار قلم 1956 کان تيز رفتار سان هليو. هو علم عروض ۾ ماهر ۽ پڪو پختو شاعر آهي. سندس قلم مان پهريون ڪتاب 1966 ۾ "سواسن جي سرهاڻ" نڪتو. پهرين ئي ڪتاب ڪيس اديبن جي وچ ۾ اوچ مقام تي پهچائي ڇڏيو. ڏسندي ڏسندي هو سموري هندستان جي سنڌي شاعريءَ جي ڪيتر جو وڏو غزل گو شاعر ارجن ’حاسد‘ تخلص طور مشهور ٿيو. حالانڪ هن شاعري جي هر صنف تي قلم آزمائي ڪئي. سندس گيت بيت دوها ۽ غزل جنهن جي شاهدي ڀرين ٿا. هن جي قلم مان نج شاعريءَ جا ٻ ئي ڪتاب نڪتا جڏهن ت ڪيس 1985 ۾ ڪتاب ’ميرو سچ‘ تي ڪيس ’مرڪزي ساهتيه اڪادمي اوارڊ‘ مليو.

ارجن حاسد نئشنل ساهتيه اڪادميءَ‘ جي سنڌي ائڊوائيزري ڪاميٽيءَ جو ڏهه سال ميمبر رهيو. جڏهن ته مرڪزي اڪادمي انعام لاءِ پڻ ڪيس وقت ب وقت جج مقرر ڪيو آهي.

ارجن حاسد جي گيتن گويا نون ڪلاڪارن کي زبان ڏني.

جڏهن ت سندس گيت وڏن مشهور ڪلاڪارن ڳاتا آهن ۽ ڳائي رهيا آهن سندس گيت ڪيترن ئي ريڊيو اسٽيشن تان نشر ٿيندا رهن ٿا.

مٿي اڳواڻ ذڪر ٿيل آهي هن شاعري کانسواءِ ساهت جي ٻي ڪنهن ب صنف کي ڪون ڇهيو.

ارجن حاسد , هري دلگير جي ساهتڪ رچنا ۽ حياتيءَ سان واسطو رکندڙ ڪتاب ’هجن هوت حيات ' ترتيب ڏنو. جڏهن ت هندي جي وڏي شاعر ’جئه شنڪر پرساد‘ تي لکيل انگريزي مونوگراف سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جيڪو 1995ع ۾ ساهت اڪادمي‘ طرفان شايع ٿيو’.

پر هت هڪ ڳالهه چٽي ڪري ڇڏجي هن شاعرن ۽ انهن جي شاعري جي ڪتابن ڪي ئي ڇهيو آهي.

۾ شيام رام رکياڻيءَ ارجن حاسد جي ادب ۾ خدمتن تي ”ادبي چنڊچاڻ“ نالي ننڍڙو ڪتاب ڇپايو 1996

۾ڊاڪٽر پريم پرڪاش ترتيب ڏئي "ارجن حاسد: هڪاپياس“ جي عنوان سان ڇپايو 1996

ارجن حاسد جو 2008 ۾ ”آزاديءَ کان پوءِ سنڌيء غزل جي انٿالاجي“ ڪتاب ڇپيو

۽ آخر ۾ مان ارجن حاسد جي دوهن جا مثال ڏيڻ چاهيندس ان کان اول مان پنهنجو ڪجه شخصي راز ٻڌائڻ چاهيندس

مون 100 دوها لکيا آهن.

پر دوهن لکڻ لاءِ مون تمام محنت ڪئي ڇو جو هڪ ت مان ننڍپڻ کان ئي حسابن ۾ ڪمزور مٿان وري شاعرا ٿيڻ جو شونق ۽ دوهن ۾ ماترائون منعا وري اهي ساڳيا ننڍپڻ وارو حسابن جو وشيه جنهن کان ڏڪي مان وڏي ٿيس.

سو مون ارجن حاسد جو ڪتاب کنيو "ماٺ جي مرڪ" جنهن ۾ سندس ڪوڙ دوها آهن. ۽ روز انجو مطالعو ڪندي رهيس من ڪو ڪجه سمجه ۾ اچي

مطالعو ڪندي ڪندي ماترائون ت هاڻي سمجه ۾ اچي ويون آهي. ماترائن جي ڳٽپ ب هاڻ گهٽو ڪري ڪون منجهائيندي آهي.

۽ بس ائين مون ماٺ ۾ ڳجهي نموني ارجن حاسد کي گرو مڃي دوها سکي ورتا.

جيڪا ڳالهه ارجن حاسد کي ب خبر ڪون آهي.

ماٺ جي مرڪ" ۾ سندس دوها آهن"

ڪاغذ تي چٽ ٿو ڪيان , منهنجا پنهنجا ڍنگ,

وچ لنگهي, پاسو ڪري, هٽندا توکي ڏنگ.

لُڏن لمن ٽا ڪيت ۾ , جيئن جوئر جا سنگ,

ٻرن وسامن ٽا ائين, محبوبن جا انگ

هوُ آيو وينو اچي, ديهه سڄي ڇڪتاڻ,

ڇيهون ڇيهون من هئو,ڪجه ب ن پڇندو هاڻ.

سوچيم هُن کي ڪجه چوان, لهي ڪو دل تان بارُ.

مرڪ اچي ڪن ۾ چيو, پاڙي ڏس اقرارُ

پل پل ۾ پاڇا ڦرن, آهن اُسُ جا رنگ,

.تڪيءَ ڦڪيءَ ٻچڪار جا, پوندا آهن ونگ

.۽ پڇاڙيءَ ۾ مان پنهنجي دوهن جي گرو کي سر جهڪائي پرنام ڪريان ٿي

ارجن حاسد جي ساهتڪ پونجي

سواسن جي سرهاڻ - 1966

پٽر ڪندا ڪندا - 1974

ميرو سج غزل- 1984

ڳو‘ (غزل - 1992

اُڄ- 1999

ساهي پٽجي 2008

آزاديءَ کان پوءِ سنڌيء غزل جي ائنٽالاجي“ 2008”

..... ۽ ماٺ جي مرڪ

......افسوس ۽ تمام ڏک ٿيو اڄ صبوح جڏهن خبر پئي ارجن حاسد

من تمام  پرجي آيو هي ليک مون گهٽ ۾ گهٽ چار مهنا کن اول ڪاغذ تي لکي رکيو هو پر ٽائيپ اڄ ڪيو. ٽائيپ ڪندي ڪندي ور ور اکين سامهون ڏنڌ پيو نظر اچي.

چو جو مونکي انتظار هو 7 جنوري جو

مون سڄي زندگي ۾ هڪ دفعو مس فون تي حاسد سان ڳالهايو هو بس

مون سوچيو هو ستين جنوري جنم ڏينهن جون واڌايون ڏئي ارجن حاسد کي ٻڌائيندس ت توهين منهنجي دوهن جا گرو آهيون....

بس وڏو ارمان رهجي ويو